عبدالستار پيرزادو

# تصوف ۽ خواجا محمد زمان جي شاعري


***Abstract:***

**Tasawuf and Poetry of Khuwaja Muhammad Zaman**

Khuwaja Muhammad Zaman is not only a Poet but also a saint of Muslim Philosophy of Tasawuf which belongs to Naqshbandi sect of Wahdatul Shahood. During his period, at his native place, there were Maktab where he taught his Talibs (Students) who were keen to learn about Muslim Tasawuf and all aspects of Shariat, Tariqat, Haqeeqat & Muarfat. He delivered lectures to his Talibs, in which lectures he defined and explained several different aspects for which purpose he usually recited couplets and at times sayings in prose. At his maktab various nominated poets and scholars of Persian and Arabic also delivered lectures. I have researched upon some deep philosophical points in his book of poetry 'Abyat-e-Sindhi' which is an anecdote and was compiled by Shaikh Abdul Rahim Girhori.


**مان** پڪ سان چوان ٿو ته مون جڏهن کان ادب سان لاڳاپو رکيو ان لاڳاپي ۾ اسان جي وڏڙن جي طريقت جو ڪافي اثر هو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. جيتوڻيڪ انهن اها ڪوشش ئي نه ڪئي، ته هو پنهنجي نوجوان نسل ۾ ان طريقت جو ٻج ڇٽين جنهن طريقت تي پاڻ ڪار بند رهيا ۽ زندگيون وقف ڪري ڇڏيائون، عمر جي واڌاري ۽ تعليمي حاصلات کان پوءِ ان طرف ڌيان ڌريو ته پتو پيو ته اسان ته ڪنهن قطار ۾ ئي نه آهيون.

ڏسو طريقت بابت سترهين صدي عيسويءَ جي هڪ ايراني ڏاهي شيخ سعدي ڪيئن ٿو ڳالهه سمجهائي:

طريقت بجز خدمت خلق نيست،
به تسبيح و سجاده و دلق نيست.

معنيٰ: طريقت خدمت خلق کان سواءِ ڪنهن شيءِ جو نالو ناهي. ان جو مطلب تسبيح، مصلو ۽ گودڙي پهرڻ ناهي.[۱]

اسان وٽ اجائي سجائي ڪٽي اها ڳالهه ڦهلائي وئي آهي ته، صوفي گودڙي





پوش آهي. حقيقت ۾ گودڙي پوش به اهڙن شخصن مان هڪ فرقو Sect آهي.

انهيءَ شعوري عمر ۾ جڏهن ان طريقت جي طور طريقن، اصولن، مول متن جي لاءِ ورق ورائيا ته پاڻ کي مٿاڇري کان به مٿانهون پاتو سون. سواءِ ان جي ته اسان لفظ 'صوفي' ٻڌو هو تنهن کي سمجهڻ جي جستجو ڪجي. لنواري شريف جا مهندار خواجه محمد زمان جن جي تصوف يا 'صوفي متي' کي سمجهائڻ خاطر وقت بوقت طريقتي معتقدن کي ڪي طريقتي رمزون سمجهائڻ جي لاءِ شاعريءَ واري واٽ ونٽي پيئي، سندن ڏسيل واٽ جي سمجهڻ جهڙا ٿياسون ته ڪي نقطا نروار ٿيڻ لڳا ته انهن نقطن تي غور ڪرڻ لڳاسون، اهڙن ماڻهن ڏانهن شاهه لطيف هن طرح اشارو ڪيو آهي ته اهي ماڻهو هن طرح جا آهن.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
انهن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڏو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آڳهه ان جي.[۲]

ان ڪري اسان جي اصل صوفي بزرگن جن پنهنجي پيغام کي شاعريءَ جي روپ ۾، سنڌ ۽ نندي ڪنڊ ۽ دنيا جي عوام الناس تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن پنهنجي شاعريءَ جي شاهه لطيف وانگر پذيرائي نه ڪئي، ڇاڪاڻ جو اهي عام ماڻهن جي سمجهه ۽ ڄاڻ کان ڪجهه مٿانهان به هئا ۽ هنن پنهنجي شاعري ڳائڻ وڄائڻ لاءِ به پيش نه ڪئي. جيتوڻيڪ انهن جي شاعري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل هوندي به عام ڳائڻن جي پهچ کان پالهي رهي. تنهن ڪري اهي عام ماڻهوءَ جي مطالعي ۽ پرک جي دائري ۾ اچڻ کان رهجي ويا. ان حد تائين جو اوهان جي سنڌ جي دانش گاهن Universities جي محققن Researchers ۽ پارکن کان پڻ اڄ ڏينهن تائين نظر انداز ٿيل آهن.

اسان جي نظر ۽ سمجهه آهر ان جو سبب خود صوفي ازم آهي. اسان جي موجوده دؤر جي هر ادبي صنف سان واڳيل فردن کي فقط 'صوفي' لفظ جي ڄاڻ آهي، صوفي ڇا آهي؟ صوفي ڪير ٿو سڏائي سگهي؟ هاڻ اسان 'تصوف' ۽ 'صوفي' جي باري ۾ ٿلهي ليکي ڄاڻ ڏيڻ جي وضاحت ڪريون ٿا.

تصوف جي باري ۾ ابو نصر سراج جو چوڻ آهي ته: "ديني علمن مان هي (تصوف) به هڪڙو علم آهي."[۳] سندس وڌيڪ چوڻ آهي ته، "اهي (صوفي) ئي آهن جن جو الله تعاليٰ: ملائڪن کان پوءِ رتبو بلند ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو اهي وحدانيت جا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قائل آهن.“ اهڙن برگزيدن بابت ابو نصر سراج ساڳئي هنڌ هيئن ٿو فرمائي ته:
”اصحاب حديث، فقهاءَ ۽ صوفيه، انهن مان هر هڪ ڪنهن نه ڪنهن علم، عمل ۽ حقيقت سان موصوف آهي ۽ در حقيقت انهن مان هر صنف ۾ علم، عمل، فهم، مقام، مڪان، فقه ۽ بيان (تقرير) ملي ٿي.“[۴]

مٿئين مقولي مان ابو نصر سراج واضح ڪري ڇڏيو ۽ اجان به ٻڌايو ته اهو ئي سبب آهي جو اهڙن انسانن کي عام انسانن تي فوقيت حاصل آهي.

هاڻ اچون ٿا ته تصوف ڇا آهي؟ ان جي اڄ جي دؤر تائين ڪيترن ڪتابن ۾ وضاحت ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري هتي ان جي گهڻي ضرورت محسوس نه ڪندي ايترو چئي ٿو سگهجي، ته تصوف دل جي صفائي ڪرڻ جو نالو آهي ۽ ’صوفي‘ دل جي صفائي ڪندڙ يا دل کي صاف رکندڙ آهي. دل جي صفائيءَ مان مراد دل مان هر غير کي ڪڍي، صرف ۽ صرف هڪ الله تعاليٰ ڏانهن رجوع رهڻ. هر نفساني خواهش کي پنهنجي دل جي ويجهو اچڻ کان پاڻ کي پلڻ. يعني نفس اماره کي نفس لوامه (گناهه سرزد ٿي وڃڻ کان پوءِ پاڻ تي لعنت ملامت ڪندڙ نفس.) جي مطيع ڪري ڇڏڻ. جيئن هو هر دنياوي خواهشن کان پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي، ان حد تائين جو ڪنهن به دنياوي نعمت ڏانهن مڙي به نه ڏسي. اجا به وڌيڪ هيئن چئجي ته: ”صوفي اهو آهي، جيڪو پاڻ کي فنا ڪري، حق سان ملي وڃي ۽ نفس جون خواهشون ترڪ ڪري مادي حقيقت سان گڏجي مڪمل سلوڪ جي درجي تائين پهچي وڃي. يعني هن کي خدا جو عرفان حاصل ٿي وڃي.“[۵]

نزول اسلام ۽ دين اسلام جي مڪمل ٿيڻ کان جلد پوءِ، خاص ڪري اسلام ۾ ملوڪيت يا بادشاهت جا آثار ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه اسلامي ڏاهن اسلام جي روح کي، انهن بدعتي ڳالهين کان پاڪ صاف رکڻ لاءِ، جيڪو غور ۽ فڪر، زهد ۽ تقويٰ، عبادت ۽ رياضت سان ڪرڻ جي شروعات، گوشي نشين ٿي، دنياوي گورک ڌنڌن کان منهن موڙ ڪئي، اها ’تصوف‘ ۽ ’صوفي‘ جي شروعات ڪري ڪوٺي وئي. اسلام کان اڳ به مختلف مذهبي فرقن جي ڏاهن جهڙو ڪ، يونانين، يهودين ۽ ڪرستانن وٽ به اهڙي قسم جا ڏاها، مفڪر پيدا ٿيا، جن پنهنجي پنهنجي مذهب يا دين جي بچاءَ خاطر غور ۽ فڪر ڪري، مذهبي رواداريءَ جو تحفظ ڪرڻ جي ابتدا ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح سناتن ڌرم جي مفڪرن ته مختلف نالن سان ڌرم جي بچاءَ خاطر جاکوڙ ڪئي ۽ ڪندا





رهن ٿا. مختلف نالن سان اڄ تائين، ساڌن، سامين، جوڳين جي ٽولن ۾ حفاظت ڪندا نظر ايندا، پر ”تصوف هڪ جامع نالو آهي، جو صرف مختلف عبادتگذار ۽ دنيا ترڪ ڪندڙ گروهه تي رکي سگهجي ٿو. هن جي تعليم، هن جو مقصد، هن جي رياضت ۽ مجاهدي جو محور صرف تزڪئه نفس ۽ تصفيئه قلب آهي.“[۶]

”صوفيءَ جو اشتقاق (جڙ) ’صفا‘ مان ڪڍي ان کي اسم صفت بڻجڻ ٺيڪ ٿي نه سگهندو. الله تعاليٰ تصوف جي حقيقت ۽ صوفين کي عام ماڻهن کان پردي ۾ رکيو آهي، ۽ سندن وڏي مرتبي جي بلندي ۽ قلب جي نور کي به عام ماڻهن جي دلين کان لڪائي ڇڏيو آهي.“[۷]

هونءَ عام ماڻهن جو خيال آهي ته ’تصوف‘ صرف ظاهري پرهيز گاري ۽ تقويٰ تائين محدود آهي، پر ايئن ناهي. تقويٰ ۽ پرهيزگاري ته عام ديني عالم به ڪري ٿو پر اهو ڪهڙو سبب آهي جو صوفيءَ جو رتبو ڪانئس الڳ ۽ بلند آهي. انهيءَ لاءِ خواجه محمد زمان: گرهوڙي صاحب کان قرآني آيت ’والطور وَ ڪتاب مسطور في منشور والبيت المعمور‘ جي معنيٰ پُڇي. شيخ عبدالرحيم گرهوڙي ظاهري معنيٰ بلڪل سهڻي نموني ادا ڪئي، پر جڏهن خواجا صاحب مٿس روحاني راز پلٽيا، تڏهن اکين تان انداريون لهي ويس.“[۸] جنهن تي خواجه صاحب چيو هوس ته، ”عالم ۽ صوفيءَ ۾ اهو فرق آهي. عالم ته صرف قرآن جي ظاهر کي ٿو ڏسي، پر صوفي ان جي اصل يعني باطن کي به ڏسي پسي ٿو.“[۹]

هڪ بزرگ جو قؤل آهي ته، ”صفا الحب فهو صاف، من صفاءَ الحب فهو صوفي“ معنيٰ: ”جنهن محبت کي پاڪ ۽ صاف رکيو سو صاف آهي، جو دوست ۾ فنا ٿي، ان جي غير کان دور ٿي وڃي، اهو صوفي آهي.“[۱۰]

صوفين بابت ابو نصر سراج هڪ سوال جي جواب ۾ هن طرح لکيو آهي:
”هي شخص مڙني علمن جي کاڻ هوندا آهن. سڀ محدود احوال ۽ شريف اخلاق هنن ۾ هوندا آهن،“[۱۱]

تنهن ڪري اسان هتي هن تحرير ذريعي صوفي ازم جي باري ۾ مستند ۽ مشهور ڪجهه صوفين پاران وضاحت ڪيل تحريرن طرف پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائينداسون، جيڪو غور طلب آهي.

تصوف ڇا آهي ۽ صوفي ڪير آهي؟ تنهن جي باري ۾ شيخ جنيد بغدادي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هيئن ٿو فرمائي: ”صوفي اهو آهي، جيڪو پاڻ کان فاني ۽ حق تعاليٰ سان باقي آهي ۽ اهو هر حال ۾ االله تعاليٰ سان گڏ هجي.“[١٢]

شيخ شبلي نعمانيءَ جي چوڻ مطابق: ”صوفي اهو آهي جيڪو مخلوق کان ڪٽيل ۽ االله تعاليٰ سان ڳنڍيل هجي.“[١٣]

مشهور صوفي معروف ڪرخي تصوف جي وضاحت هن ريت ٿو ڪري: ”تصوف حقيقت کي مضبوط جهلڻ ۽ جيڪي مخلوق جي هٿ ۾ آهي، ان کان اميد لاهي ڇڏڻ.“[١٤]

وري هڪ ٻيو مستند صوفي ابوالحسن نوريءَ جو فرمان هن ريت آهي: ”تصوف نفساني لذتن کي ترڪ ڪرڻ جو نالو آهي.“[١٥]

مصر جي مشهور صوفي ذوالنون مصري هن طرح ٿو فرمائي: ”صوفي اهي آهن، جيڪي هر حال ۾ هر شيءِ تي الله تعاليٰ جي ذات کي ترجيح ڏين ٿا.“[١٦]

خواجه محمد زمان هڪ هنڌ فرمايو:

”صوفين صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو،
تڏهه تن ٿئو، جيئري پسڻ پرين جو.“[١٧]

خواجه سائين محمد زمان جن شاهه لطيف کي هيئن فرمايو:

”ڪين آهين ڪين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا، لا سين سڀ لهراءِ،
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.“[١٨]

ان کان پوءِ صوفين جي ٻن وڏن نظرين بابت ٿوري وضاحت ڪرڻ جي جرئت ڪنداسون. اوهان کي اها ته ڄاڻ هوندي ته صوفين جا ٻه وڏا طريقا آهن. جن ۾ هڪڙو ’وحدت الوجود‘ يعني ’همه اُوست‘ ۽ ٻيو ’وحدت الشهود‘ يعني ’همه از اُوست‘ آهي. باقي ٻيا سڀ طريقا انهن جون شاخون آهن يا ڪي مشهور صوفين جي نالن سان سڃاتا وڃن ٿا.

## وحدت الوجود يا همه اُوست (Monism) :

جنهن مطابق هو ڪائنات ۾ صرف هڪ وجود يا هستيءَ جو اقرار ڪن ٿا. اهو الله تعاليٰ جو وجود آهي ۽ ان کان سواءِ ٻي هر شيءِ جو وجود ڪونهي. باقي جو ڪجهه





نظر اچي ٿو، اهو سڀ الله پاڪ جو مظهر آهي. يعني اهي سڀ االله پاڪ جي هستيءَ جا سبب آهن. سڀ ڪجهه الله پاڪ آهي ۽ الله پاڪ سڀ ڪجهه آهي. Pantheism خدا سڀ ڪجهه آهي يا سڀ ۾ خدا آهي Manifestation. وحدت الوجود وارن جي چوڻ مطابق ته، ”ڪائنات جي مخلوق عين صفات باري (تعاليٰ) آهي ۽ صفات نالو آهي باري (تعاليٰ) جي تجليات جو، تنهن ڪري خالق ۽ مخلوق بنيادي اعتبار سان هڪ شيءِ آهن ۽ اول آخر هڪ ٿي وينديون.“[١٩]

## وحدت الشهود يا همه از اُوست:

حقيقت اصل سچ وانگر آهي ۽ هيءَ ڪائنات ۽ مخلوقات ان جي ڪرڻن وانگر آهي، جنهن کي هو ضل يا پاڇي جو نالو ڏين ٿا يا ان کي تجلي ڪوٺين ٿا. حقيقت ۾ هيئن آهي ته وحدت الوجود ’علم اليقين‘ جو درجو رکي ٿو ۽ وحدت الشهود ’حق اليقين‘ آهي. الوجود ابتدائي ڪيفيت يا صوفين جي اصطلاح ۾ حال آهي ۽ وحدت الشهود مقام آهي. ان لاءِ توحيد وجودي درڪار ناهي. الله تعاليٰ سڀ ۾ آهي، پر هرڪو هو (خدا) ناهي .all are he but none are he سچو يا پختو صوفي ٿيڻ لاءِ علم، عمل ۽ رسائيءَ جون چار منزلون يا ڏگريون آهن، جي خواجه سائينءَ جن هن ريت ٻڌائڻ فرمايون آهن:

”فعل شريعت، حب طريقت، هِيون حقيقت هوءِ،
معرفت نالوءِ، ايءُ پروڙڻ پارسيون.“[٢٠]

هن بيت جي شرح لکندي شيخ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي هن طرح ٿو وضاحت ڪري: ” اهي چار شيون ڪنهن موجودات ۾ ڏسجن ٿيون. پر جيئن ته انسان ظاهر جو مظهر آهي، تنهن ڪري عالَم به چار آهن، ١.مُلڪ (ناسوت) ٢.جبروت ٣.مَلڪُوتُ (صفاتن جو جهان) ۴. لاهوتُ. انهيءَ لحاظ سان شريعت مُلڪُ آهي (ارواحن جو جهان) طريقت، جبروتُ آهي، معرفت، ملڪوتُ آهي ۽ حقيقت، لاهُوتُ آهي. اهو انڪري جو حقيقت ۾ نه اسم آهي نه رسم،پر معرفت ۾ علم آهي، ان ڪري اها وصف آهي، جيڪا علم مان پيدا ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته حبِ علم جو اثر آهي. شريعت ٽين وصف آهي، جيڪا محبت مان پيدا ٿئي ٿي، پر اهي سڀ حقيقت جون تجليون آهن.“[٢١]

هتي محبت جو ذڪر آيو آهي. اسان پاڻ ڪيترن وقتن تي، ڪيترن ماڻهن سان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

محبت جو اظهار ڪندا رهندا آهيون. حقيقت ۾ اسان محبت کي ڏاڍو سطحي لفظ ڪري ورتو آهي. پر قرآن ڪريم ۾ ان جو ذڪر يا وضاحت هن ريت آهي. گرهوڙي سائين قرآني لفظ " الشَجَرت المُنتَهيہ" ۾ چيو آهي، جنهن جي وضاحت گرهوڙي صاحب هن ريت ٿو ڪري، جيڪا پڪ اٿم ته ڪنهن به قَرآن ڪريم جي مُفسر نه ڏني هوندي. اتي هو لکي ٿو :" شَجره يعني وڻ، ان مان مراد محبت وَڻ ٿا ۽ نهيءَ مان مراد محبت ڪان ٻچڻ سمجهن ٿا. ڇو ته محبت ۾ نارِ ۽ نُورُ آهن ( باهه ۽ روشني) پوءِ جيڪو ان جي روشني چاهي ٿو ته ان جي انانيت باهه ۾ سڙي ختم ٿي وڃي ٿي، تڏهن ڪيس اها روشني نصيب ٿئي ٿي. سو اهو وڻ حقيقت جي درجي لاءِ ضروري آهي."[۲۲]

هاڻ مٿئين وضاحت مان ڪنهن حد تائين اوهان کي اها پروڙ پئجي وئي هوندي ته صُوفي ازم ڇا آهي؟ ۽ صوفي ڪنهن کي ٿو چئي سگهجي؟ ان ڪري اهي سڀ وضاحتون اسان جي هن مادي دؤر materialistic era وارن لاءِ روا رکڻ ڏاڍيون اوکيون ۽ سندن سمجهه ۽ فهم کان بالا تر آهن. ڇاڪاڻ جو ان جو مشاهدو ماڻي ۽ ڪنهن ٻئي کي ڏيکاري سگهڻ جي همٿ اسان ۽ اسان جي دؤر جي جديد ذاهن ۾ آهي ئي ڪا نه. اها همٿ ۽ اهو شان فقط ۽ فقط خواجه محمد زمان ۽ شيخ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي جي ڀاڱي ۾ آيو هو. جيئن خواجه صاحب جن فرمايو:

لڳو واءُ وصال، جنين ساعت هيڪڙي،
تن سا لڌي لعلَ، جنهن لئہ جڳ خلقيو.[۲۳]

مان سمجهان ٿو ته منهنجي هن مٿئين وضاحت ڪرڻ سان موجود دوستن کي صوفي مت جي باري ۾ ڪجهه سمجهه ۾ ضرور آيو هوندو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به صُوفين جون اهي ئي مٿي بيان ڪيل چار منزلون ڄاڻائيندي، سُر سهڻيءَ ۾، سهڻيءَ کي هيئن ٿو سبق ڏئي:

ساري سڪ سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتا تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، سدا ساميئڙن جو.[۲۴]

صوفي ٿيڻ لاءِ پهريون ڏاڪو شريعت آهي، جيڪو لنواري شريف جي بزرگن وٽ انتها درجي جي پائبنديءَ سان پورو ڪيو ويندو هو. هڪ روايت مطابق خواجه محمد زمان هر شريعت جي پختائيءَ بابت معتقدن کي تاڪيد ڪندا هئا ۽ پاڻ به صوم





صلوٰت جا پابند هوندا هئا. پاڻ پنهنجي معتقدن کي شريعت جي پائبنديءَ سان گڏ وگڏ هيءَ تلقين پڻ ڪئي ته ڏينهن ۾ به ڀيرا علي الفجر ۽ سمهڻيءَ يا رات سمهڻ کان اڳ ڌڻي پاڪ جي حمد و ثنا ۽ مراقبو ڪري پنهنجي سائينءَ سان رجوع ڪرڻ گهرجي ۽ 'هٿ ڪم ڪار ۾ دل يار ڏانهن 'هجڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ شريعت جو عمل ئي آهي جيڪو انسان کي ايندڙ يا مٿين ڏاڪن ڏانهن وٺي ٿو وڃي.

طريقت آهي رهبر يا رهنما جي بجا آوري ڪرڻ. جيڪڏهن اها به پختي نه ڪبي ته وري ايندڙ ڏاڪو چڙهڻ ۾ دقت ٿيندي ۽ ائين باقي ڏاڪا (حقيقت، معرفت) طريقتي رهنما يا رهبر ئي طئہ ڪرائي سگهي ٿو.

هتي هڪڙي وضاحت ڪريان ته لنواريءَ جي لعلن وٽ ڪرامتون ڏيکارڻ وارو سچو صوفي ناهي. جيڪڏهن ڪو صوفي سڏائيندڙ کان ڪرامتن جي توقع ٿو رکي ته اهو به درست نه آهي ۽ جيڪڏهن ڪو صوفي سڏائيندڙ فقط ڪرامتن جي سهاري ٿو هلي ته اهو ڪچو يا اڌورو آهي، جنهن لاءِ خواجه محمد زمان جن جو هڪ اهڙي ڪنهن ڪرامتن تي اڪتفا ڪندڙ مريد کي ڇنڀيندي چيو هو ته: "توکي تلقين جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي جو خلقِ خدا کي خوار ته ڪرڻو ناهي."

صوفين جي منزل معرفت الاهي يا واصل با لله هئڻ آهي. ان راهه تي هلڻ لاءِ ڪمرڪشي بنا خوف خطرن جي، بنا پوئتي مُڙي ڏسڻ جي، بنا سُک سارڻ جي هلندو رهڻو آهي. جنهن لاءِ علامه آءِ.آءِ. قاضي، 'ڀوري ڇوڪري، حق جي ڳولها ۾' لکي ٿو، جيڪو حقيقت ۾ رسولِ آخر زمان حضرت محمد صلعم جن پاران چوايو اٿس، " جيڏي سخت ڪوشش ڪري سگهين اوڏي ڪر، ڪم ڪندو رهه. صحيح عقيدو، صحيح ڪم، صحيح ڪوشش، توکي تنهن جي منزلِ مقصود ڏانهن وڏيک ويجهو پهچائيندي، جنهن جو نالو خدا آهي."

ان ڳالهه جي ڀرتي ڪرڻ لاءِ سائين خواجه محمد زمان جن جو هڪڙو بيت آهي:

"عارف ۽ عشاق ، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق، اجان اورانهان ٿئا."[۲۵]

حقيقت ۾ صُوفي جيڪا عبادت ڪري ٿو، اُها اِها آهي جيڪا پنهنجي معبود جي راضپي ماڻڻ خاطر، پنهنجي نفس کي تسيا ڏئي ڪجي ٿي. سندن عبادت جو طريقو، ماٺ مطالع ڪن، وارو آهي. باقَي اها عبادت ناهي، جيڪا ڪنهن ٻئي غرض يا

مقصد لاءِ يا سندن نفس جي راضپي جي خيال آڻڻ سان لذت حاصل ڪجي. مٿئين بيت جي شرح ڪندي شيخ شهيد گرهوڙي هيئن ٿو وضاحت ڪري ته: ”مان هي مثال شيخ شهيد گرهوڙيءَ پاران ڪيل ابيات سنڌيءَ جي شرح مان تڏهن ٿو ڏيان جو مون ڪي گرهوڙي صاحب کان وڌيڪ ڪو مستند عالِم جيڪو ٻنهي ماڳن يا ڊگرين جو ڄاڻو هجي ۽ هن کان وڌيڪ مستند ڄاتو ويندو هجي ته ان جو به مثال ڏيان ها پر اڄ ڏينهن تائين خواجه صاحب جن جي بيتن کي ڪنهن به موجوده دؤر جي ڏاهي هٿ به نه لاتو آهي. ان ڪري مان پڪ سان چئي ٿو سگهان ته گرهوڙي جهڙي علمي ۽ عملي ڄاڻ، ڪنهن به هاڻوڪي دؤر جي جڳاندري دانشور وٽ ٿي ئي نه ٿي سگهي.“

هاڻ ڏسو جنت ۽ دوزخ يا جنتي ۽ دوزخين جي باري ۾ شهيد گرهوڙي ڪهڙي وضاحت سان ٿو سمجهائي:

’الجمل‘ ، عربي يا قرآني لفظ آهي، هونءَ ته ان جي معنيٰ ’اُٺُ‘ آهي، پر گرهوڙي صاحب لکي ٿو ته: ”اهو نفس، تزڪيه ۽ صفتن کي هٽائڻ سان وار کان به هزار ڀيرا سنهو ٿي پوي ٿو ۽ پوءِ اهو سُئيءَ جي ناڪي مان لنگهي سگهي ٿو، پر اهو جڏهن فنا ٿيو ته پوءِ بقا وارو جنت ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ بقا مان مراد اهو حجاب جيڪو بهشتن ۽ دوزخ وارن جي وچ ۾ آهي ۽ وري بهشتين مان مراد آهي، الله تعاليٰ جي طلب ۾ جاکوڙيندڙ ۽ دوزخين مان مراد آهي، جيڪي بشري نفساني اوڳڻن سبب طلب کان بس ڪري وينا آهن، جن کي سهڻن روحاني اخلاقن جي پرک ۽ معرفت سان نوازيو نه ويو آهي.“(٢٦)

وري ماٺ مطالع واري ڳالهه جي حوالي سان مان اوهان کي مثال خواجه سائين ۽ شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي ملاقات وارو ٿي ڏيڻ چاهيندس اهو ڪافي آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف چيو ته، ” جيڪڏهن ماٺ ڪيو ويٺا آهن، ته ان مان ته واندا ئي ڪونه ٿيندا، ته اسان سان ملڻ لاءِ ڪڏهن ايندا اسان پاڻ ئي هلي ٿا ملون.“ ۽ پوءِ وڃي هجري وٽ پهتا ۽ هي بيت پڙهيائون ته:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جنين هيٺاهون ڪنڌ، آءُ نه جيئندي ان ري.(٢٧)

خواجه محمد زمان جو صوفي مسلڪ نقشبنديه هو ۽ سندس رهنما يا استاد خواجه محمد ابوالمساڪين هو، جيڪو در اصل سنڌ ۾ نقشبنديه مسلڪ کي





ڦهلائڻ واري شخص مخدوم آدم نٺويءَ جو پوٽو هو. خواجه محمد زمان دراصل شاعري تمام ٿوري تعداد ۾ ڪئي آهي، اها به تصوف جي ڪن دقيق نُڪتن کي سمجهائڻ جي خاطر ڪئي آهي. سندس گڏ ڪيل ’ابيات سنڌي‘ ۾ فقط ٨٤ بيت آهن. پر ڪجهه پوءِ ڇيل بيت ان ڪتاب ۾ اچڻ کان رهجي چڪا آهن.

تصوف جي مسلڪ نقشبنديه جي باري ۾، ايترو ٻڌائڻ ئي ڪافي ٿو ڀانيان ته، نقشبندي بزرگ شريعت جا پابند، راڳ رنگ، رقص ۽ سماع کان پاسيرا رهندا پئي آيا آهن. پنهنجي پوءِ لڳن کي به ان ڳالهه جي سختيءَ سان منع ڪندا رهيا آهن. جيئن ته نقشبندي بزرگ سماع، گوڙ گهمسان کان پري، ماٺ مطالع ڪندڙ، گوشي نشين رهي، رب العزت سان لونءِ لڳائڻ جا قائل آهن. تنهن ڪري لنواري شريف جا بزرگ خاص ڪري خواجه محمد زمان پڻ خلوت پسند، ماٺ مطالع ڪندڙ، حڪومتي جهنجهٽن کان پري رهندڙ، بادشاهن کان لقب القاب، سوکڙيون پاکڙيون وٺڻ يا قبولڻ، ساڻن ميل جول رکڻ کان ونءُ ويندڙ ۽ جاگيرون قبول ڪرڻ کان بنهه انڪاري رهندا پئي آيا آهن. ان حد تائين جو ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ڪين ملاقات جو شرف بخشڻ لاءِ دعوت ڏئي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ چوائي موڪليو هو، ته هو حڪومتي ڪمن ڪارين ۾ رڌل هجڻ ڪري قدم بوسِي لاءِ اچي نه ٿو سگهي، ته ڪيس اهو چوائي قبوليت نه ڪيائون ته، اسان فقيرن کي بادشاهي شان شوڪت وارين دعوتن ۾ وڃڻ نه ٿو جڳائي.

خواجه محمد زمان جي ولادت باسعادت ٢ رمضان ١١٢٥هه/ ١٧١٣ع تي شيخ عبداللطيف ڪلان جي گهر ۾ ٿي، اها جاءِ موجوده لنواري شريف کان ٻه ميل ڏکڻ طرف هئي. شيخ عبداللطيف ئي مخدوم آدم نٺويءَ جي پٽ مخدوم فيض الله جي دست بعيت ڪري، سهوردي مسلڪ کي خير باد چئي، نقشبندي سلسلي ۾ شموليت ڪئي هئي.

خواجه محمد زمان ٺٽي ۾ محمد صادق نقشبنديءَ جي مڪتب مان تعليم حاصل ڪري، خواجه محمد ابوالمساڪين جي خانقاهه مان سندس نظرداريءَ هيٺ طريقت جون سڀ منزلون ايترو ته جلد طئہ ڪري ورتيون جو خود خواجه ابوالمساڪين به حيران هو، پر ڪيس اها پروڙ هئي، ته هو ايترو ڪجهه ترت ڪيئن حاصل ڪري سگهيو هو.

نيٺ هڪ ڏينهن خواجه ابوالمساڪين: پنهنجي مسند خواجه محمد زمان جي

حوالي ڪري، پاڻ حرمين شريفين جي زيارت ڪرڻ جي خيال کان مڪي معظم روانو ٿي ويو. پر اتان بہ پاڻ نوجوان محمد زمان جي خط و ڪتابت ذريعي رهنمائي ڪندو رهيو. ڇاڪاڻ جو خواجہ محمد زمان مسند نشيني سنڀالڻ وقت عمر جي چوويهين ڏاڪي تي مس رسيو هو.

نيٺ ڪن اڻٽر سببن جي ڪري، خواجہ محمد زمان ٺٽي شهر ۽ شهرين کي ۽ پنهنجي رهنما ۽ استاد، محسن خواجہ محمد ابوالمساڪين جي ڏاڏي مخدوم آدم ٺٽويءَ جي، ۽ پوءِ مخدوم فيض الله، تنهن کان پوءِ خواجہ محمد ابوالمساڪين جي مسند نشينيءَ واري خانقاهہ کي خيرباد چوڻو پيو ۽ وڃي اباڻي ويڙهہ وسايائون. جتي بہ سندس والد شيخ عبداللطيف جي وصال (۱۱۴۹هہ-۱۷۳۶ع) کان پوءِ، خواجہ محمد زمان ڪن حاسدن جي حسد وڌي وڃڻ ڪري، اهي اباڻا پڊ ڇڏي، ”ڪجهہ فاصلي تي نئون ڳوٺ اچي ٻڌايائون ان جو نالو بہ لنواري رکيائون. نئين لنواري (موجوده) کي آباد ڪرڻ جو سال ۱۱۵۰هہ/۱۷۳۷ع ٻڌايو وڃي ٿو.“[۲۸]

جڏهن پاڻ نئين لنواريءَ ۾ سڪونت پذير ٿيا، تہ پوري سنڌ ۾ سندن فيض جي هاڪ مچي ويئي. جنهن ڪري ڪيترا ئي طالب المولیٰ سندن چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳا. جن جا مثال هي ڏئي ٿا سگهجن، تہ ميان قاضي احمد دمائي نوي ورهين جي ڄمار ۾ بہ خواجہ صاحب کان مستفيضِ ٿيڻ لاءِ قاضي احمد مان هلي لنواري شريف آيو هو. شيخ عبدالرحيم گرهوڙي فيض جي درياهہ مان سيراب ٿيڻ لاءِ لنواري شريف اچي سهڙيو هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڀٽ شاهہ، هالاڪان مسافتون ڪندو ڪهي اچي لنواريءَ ۾ پهتو. خواجہ صاحب جا ٻيا خليفا هي بہ هئا: حاجي ابوطالب اگهمي، حاجي محمد صالح ڳهرائي، حافظ هدايت الله، ۽ شيخ محمد صالح کهڙائي بہ پنهنجي فيض جي پياس ٻجهائڻ لاءِ لواريءَ جي راهہ رمندي اچي، فيض جون سرڪيون ڀري پنهنجي اڃ اجهائي، خلافت جو خرڪو پهري خليفا بڻيا.

انهن کان سواءِ چيو وڃي ٿو تہ سندس مجلس ۾ هر وقت طلب ربانيءَ جي طالبن جو هجوم رهندو هو. ساڻن سلوڪ جي سلسلي ۾ درس ونندي پاڻ وقت سارو ۽ رمز آهر ڪڏهن ڪڏهن مثنوي مولانا روم، حافظ شيرازي ۽ ٻين عربي ۽ فارسي شاعرن جي شاعريءَ سان گڏوگڏ پاڻ بہ سنڌي زبان ۾ شعر يا بيت چئي يا ڪي نثري جملا ٻڌائي طريقت جون سمجهاڻيون ڏيندا هئا. مثال طور سندن هي سورٺا پڙهي





ڏسجن:

پڇين جان ٻروچ، تان پاسي ڪج پرهيز ڪي،
جنين ڏٺو هوت، تن دين سپ دور ڪيا.

صوفين صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿئو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

اوڏڻ اوڏي آءُ، توکي لاکي ڪوٺيو،
لهي تو مٿاءُ، سندو مٿيءَ مامرو.

پريان جي پچار ۾، اچي جن آرام،
دنيا تن ڪي دام، پچن موسم موت جي.

وِهہُ مَ وِسارِي، پڇا ڪر مَ پنڌ جي،
ڪٿي آهِري، صاف ڪر تہ ڪم ٿئي.[۲۹]

اسان ڄاڻي ٻجهي اهڙا پنج بيت (سورٺا) هتي ڏنا آهن، جيڪي سولائيءَ سان هر پڙهندڙ کي سمجهہ ۾ اچي وڃن. هونءَ خواجہ صاحب جي شاعري ايتري ڳوڙهي آهي جو هر ڪنهن پڙهندڙ جي آسانيءَ سان ان تائين رسائي ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

ڪُپيري اوري رهيا، اَبُتَ ٻڌائون،
انين وٺ آئون، رهي آيس راتڙي.

هاڻ اهي بہ لفظ ’ڪُپيري‘ ۽ ’اَبُتَ‘، جي لاءِ سوچي ڏسو تہ اهي ڇا آهن. دراصل اهو بيت حقيقت ۾ شاهہ لطيف پاران، ملاقات لاءِ اچڻ کان اڳ ۾ پڇايل سوال جو جواب ڏيندي لکي موڪليو هئائونس. دوستن جي دلچسپيءَ خاطر شاهہ لطيف پاران پڇيل اهو سوال بہ هتي پڙهڻ ۽ سمجهڻ واسطي ڏجي ٿو. سوال هيئن هو: ”ڪُپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيرئين؟“

جنهن جي جواب ۾ جڏهن خواجہ صاحب مٿيون بيت لکي موڪليو هوس، تہ پوءِ لنواري شريف حاضر ٿي، خواجہ صاحب جن سان ملاقي ٿيو هو. انهيءَ جواب ملڻ کان پوءِ، شاهہ لطيف ان سوال مان بيت سڄو ڪيو هو، جيڪو هن ريت آهي،

ڪُپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيرئين،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جئان منجهڻ ماڻئين، تهان سڄڻ سئر،
ان پونءِ سندو پير، ڪوڙين منجهان ڪو لهي.[٣٠]

هاڻ پڙهندڙن پارکن، ۽ محققن کي خواجہ محمد زمان جي شاعريءَ جي پروڙ پئجي چڪي هوندي.

هاڻ ڪن ملفوظات جو چس وٺرائڻ بہ مفيد ٿيندو. مٿي چيو ويو آهي تہ، خواجہ محمد زمان جي شاعريءَ سان گڏو و گڏ، ڪي نثري مقالما پڻ طالبن جي طلب جي اڃ اجهائڻ لاءِ ۽ ڪين تصوف جون سمجهاڻيون ڏيڻ جي لاءِ اچاريا هئا. جيڪي پڻ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي 'فتح الفضل' نالي ڪتاب ۾ سهيڙي عربي ٻوليءَ ۾ شرح لکي هئي، جنهن لاءِ سندس اهو چوڻ هو تہ ٻوليءَ جي تبديليءَ جو ڪو هرج ناهي، ڀل دنيا جا عالِم بہ ان مان حظ حاصل ڪن. وري انهن ملفوظات جو فارسيءَ ۾ ترجمو خواجہ گل محمد (١٢١٨هہ١٨٠٣ع) فرزند ارجمند خواجہ محمد زمان (ٻيو سجاده نشين لنواري شريف) 'ورودالمحمدي' جي نالي سان فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. پر سندن وصال کان پوءِ "باقي رهيل ٢٠٣ ملفوظات جو فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو سيد نور علي شاهہ 'تمت الورودالمحمدي' جي عنوان سان ڪيو هو."[٣١]

انهن ٻنهيءَ مان ڪجهہ ملفوظات جو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ٤ ١٩٨٨ع ۾ ترجمو 'فتح الفضل' جي نالي سان ڪري لنواري شريف ادبي ڪميٽي، لنواري شريف مان ڇپرايو هو. مقولات ڪجهہ هن طرح آهن.

١. االله (تعاليٰ) کي ياد رکڻ لاءِ ڪنهن بہ شرط کي نہ ڏسو. جيئن پاڪائي، پلتي،مهل يا ڪُمهل.
٢. جيڪا شيءِ خدا جي ياد ۽ ذڪر کي نہ ٿي وڌائي تہ اها اهلِ تحقيق وٽ ڇڏيل آهي.
٣. خدا (تعاليٰ) جي طلب ۾ ڪو افسانو نہ آهي، جنهن کي هو ان جي طلب لاءِ پڙهي، ضروري رڳو خدا کي ياد ڪرڻ آهي، هن طرح سان تہ هو ڪنهن غرض ۽ ڪيفيت کان سواءِ موجود آهي، ان جي توهہ ۽ طلب ۾ دنيا جي يا بهشت جي گهرج نہ هئڻ گهرجي.
٤. اي طالب! تون پاڻ کي االله (تعاليٰ) جي قدرت وارن هٿن جي آڏو اڇلائڻ کي لازم ڪر. مطلب تہ پنهنجي اختيار کي ڇڏي، خدا(تعاليٰ) جي رضا کي اختيارڪر! ۽ جيڪي خدا (تعاليٰ) ڪري ان تي راضي ٿيءُ.[٣٢]





ايئن تہ مثال ڏبا وجبا تہ هڪ ٻيو ڪتاب ٿي ويندو، تنهن ڪري ابيات ڏسڻ يا پڙهڻ لاءِ 'شرح ابيات سنڌي' ڏسڻ گهرجي ۽ ملفوظات ڏسڻ لاءِ 'فتح الفضل' جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

منهنجو هن مقالي لکڻ جو مقصد هي هو تہ، سنڌ جي موجودهہ عالمن ۽ محققن ۽ پارکن جو ڌيان، خواجہ محمد زمان ۽ سندس اختيار ڪيل مسلڪ سان لاڳاپيل، يعني صوفين جي سلسلي نقشبنديہ سان تعلق رکندڙ يعني وحدت الشهودي (همہ از اوست) بزرگن ڏانهن بہ ڌيان ڌرين ۽ انهن جي تعليمات ( شريعت کان قطع نظر جنهن کان ملائيت جي ڪري ڇرڪيو ٿا وڃن) کي پڻ سنڌ ۽ ان کان ٻاهر روشناس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن. اهڙا بزرگ بہ سنڌ جي سونهن سنوارڻ ۾ وحدت الوجودي بزرگن کان ڪڏهن پوئتي نہ رهيا آهن.

## حوالا


١. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، 'ڪلام گرهوڙي'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٣ع، ص:٥.
٢. ڀٽائي، شاهہ عبداللطيف، 'شاهہ جو رسالو'، مرتب: نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر، 'سر سريراڳ' ١/ ٣، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠٠٩ع، ص: ١١٢.
٣. سراج، ابو نصر، 'ڪتاب اللمع في تصوف'، مترجم: پير محمد حسن، ڊاڪٽر، اداره تحقيقات اسلامي، اسلام آباد. ١٩٨٦ع، ص:٣٧-٣.
٤. . ڪتاب ساڳيو ص: ٣٩.
٥. مظهر، عابد ڊاڪٽر، 'شاهہ لطيف جي دؤر جا صوفي سلسلا'، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي،٢٠١٢ع ص: ٨٣.
٦. هجويري، سيد علي بن عثمان، (٤٦٥هہ ١٠٧٢ع) 'ڪشف المحجوب'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص: ٢٧-٢٨.
٧. ساڳيو ص: ٩٣.
٨. دائودپوٽو، عمر بن محمد، علامہ، 'ڪلام گرهوڙي'، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ٢٠١٠ع، ص: ١٨.
٩. احمد الزمان خواجا، 'مجالس' (اڻ ڇپيل).
١٠. مظهر، عابد ڊاڪٽر، 'شاهہ لطيف جي دؤر جا صوفي سلسلا'، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي،٢٠١٢ع.

١١. سراج، ابو نصر، 'ڪتاب اللمع في تصوف'، مترجم: پير محمد حسن ڊاڪٽر، اداره تحقيقات اسلامي، اسلام آباد.١٩٨٦ع.

١٢. رحمٰن محمود ڊاڪٽر، 'ذڪرِ جميل - فريد الدين عطار' مترجم: دهلوي محمد مرزا جان، دوست پبليڪيشن، لاهور، ٢٠٠٧ع، ص: ٤٣٨.

١٣. ساڳيو، ص:٦٦٥.

١٤. ساڳيو، ص:٣٢٢.

١٥. ساڳيو، ص:٤٦٦.

١٦. ساڳيو، ص:١٠٨.

١٧. محمد زمان، خواجہ، 'ابيات سنڌي'، سنڌيڪار: داؤدپوٽو عمر بن محمد، لنواري شريف ادبي ڪميٽي، ١٩٩٤ع، ص:٢٦، (بيت٣٥).

١٨. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، 'لنواريءَ جا لعل'، عمر بن محمد دائودپوٽو اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٩ع، ص:هـ.

١٩. مظهر، عابد، ڊاڪٽر، 'شاهہ لطيف جي دؤر جا صوفي سلسلا'، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو،ڪراچي، ٢٠١٢ع، ص:١٠٠.

٢٠. محمد زمان خواجہ ابيات سنڌي، سنڌيڪار: داؤدپوٽو عمر بن محمد لنواري شريف ادبي ڪميٽي ١٩٩٤ع، ص: ،١٩ (بيت ٢٨).

٢١. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، مترجم: 'شرح ابيات سنڌيءَ جو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ٢٠٠٨ع، ص: ٢٢.

٢٢. ساڳيو، ص: ٢٢.

٢٣. ساڳيو، ص: ٤.

٢٤. شاهہ عبداللطيف،'شاهہ جو رسالو'، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 'سر سهڻي' بيت: ١١/٤، ثقافت ۽ سياحت کاتو،حڪومت سنڌ،٢٠٠٩ ع، ص: ٣٨٦.

٢٥. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، مترجم: 'شرح ابيات سنڌيءَ جو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ٢٠٠٨ع، ص: ٥.

٢٦. ساڳيو، ص: ٩١.

٢٧. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، 'لنواريءَ جا لعل'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد. ٢٠٠٧ع،ص: ٤٢.

٢٨. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، مترجم: 'شرح ابيات سنڌيءَ جو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ٢٠٠٨ع، ص: ٥٧.





٢٩. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، مترجم: 'شرح ابيات سنڌيءَ جو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ٢٠٠٨ع، ص: ٦٦-٧١.

٣٠. عبداللطيف شاهہ،'شاهہ جو رسالو' جلد-٢ مرتب، پانهو خان شيخ، سر ڪاهوڙي، بيت: ٣/ ٥،شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،٢٠٠٢ع ص: ٢١.

٣١. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، مترجم: 'شرح ابيات سنڌيءَ جو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ٢٠٠٨ع، ص: ٦١.

٣٢. گرهوڙي، عبدالرحيم، 'فتح الفضل'، سنڌيڪار: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، لنواري شريف ادبي ڪميٽي، ٢٠٠٨، ص: ٣-١٦.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair